# مولانا دين محمد وفائي

سنڌ جي سرزمين پنهنجي تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڪيترن ئي بزرگ، محبِ وطن ۽ انسان دوست شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. انهن باڪمال هستين جي پُرخلوص ۽ بي انتها ڪوشش سبب سنڌ جو نالو هميشه روشن رهندو آيو آهي. انهن شخصيتن نه رڳو هتي جي مخصوص تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو، پر انساني تهذيب جي ارتقا جو خنده پيشانيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪيو. اهڙيءَ طرح هنن، هن خطي جي رهاڪن کي دنيا جي سڌريل ملڪن جي درجي تي پهچائڻ جون ڪوششون ڪيون. اهوئي سبب آهي جو ڪين اڄ به عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

مولانا دين محمد وفائيؒ به سنڌ جي اهڙين ئي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو، جن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن تي جيترو به ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. سندس ولادت 27 رمضان المبارڪ 1311هه مطابق 4 اپريل 1894ع تي سندس اَباڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو ۽ پاڻ ذات جو پٺي هو. مولانا جي اوائلي تعليم سندس والد صاحب جي نظر هيٺ ٿي، جنهن ۾ فارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب پڙهيائين. اڃا نون ورهين جي ڄمار مس هيس ته پيءُ جو سايو سِر تان ڪڄي ويس ۽ سندس پالنا جو سمورو بار سندس والده جي ڪُلهن تي اچي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ به پاڻ تعليمي سلسلي کي ختم نه ڪيائين. فارسيءَ

جي رهيل تعليم پنهنجي عزيز، ميانجي محمد عالم وٽ رهي پوري ڪيائين. ان کان پوءِ عربيءَ جي تحصيل لاءِ مولوي غلام عمر جتوئيءَ جي مدرسي ڳوٺ سوني جتوئي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ وڃي داخل ٿيو ۽ اُتي پنج سال رهيو. انهيءَ عرصي ۾ عربيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائين. تعليم ختم ڪري پنهنجي استاد مولوي غلام عمر جي مشوري سان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ اچي استاد ٿيو ۽ اتي ٻن سالن تائين رهيو. هتي سندس ملاقات مخدوم حاجي حسن الله پاٽائيءَ سان ٿي. جنهن جي صحبت مان کيس گهڻو فيض حاصل ٿيو.

انهيءَ وچ ۾ سندس علمي ناماچار سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويو، جنهن کان متاثر ٿي راڻيپور جي جيلاني پيرن کيس پنهنجن صاحبزادن جي تعليم لاءِ راڻيپور گهرايو. هتي پاڻ ٻن سالن تائين رهيو. ان کان پوءِ ٺلاهه جي مشهور راشدي بزرگ، حاجي امام الدين شاهه، کيس پنهنجي فرزندن جي تعليم لاءِ دعوت ڏني.

ٺلاهه ۾ رهڻ واري دور ۾ سندس واقفيت حاجي امام الدين راشديءَ جي وڏي ڀاءُ علامه سيد رُشد الله شاهه جهنڊي واري سان ٿي. جنهن جي صحبت ۽ علمي رهاڻين مان مولانا صاحب کي نهايت گهڻو فيض حاصل ٿيو.

هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي هلندڙ هئي. اِنڪري دنيا جو هرهڪ ماڻهو حيران ۽ پريشان هو. سنڌ جي حالت به ڪا چڱي ڪانه هئي. جيتوڻيڪ جنگ جي تباهين کان بچاءُ هو: پر انگريزن جي غلاميءَ جي ڪري جيڪي جذبا

ماڻهن جي دلين ۾ اُڀري رهيا هئا، اُهي جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ يڪدم ظاهر ٿي پيا. هن سلسلي ۾ جيڪا تحريڪ سڀني کان اڳري هئي، سا هئي خلافت تحريڪ. جيئن ته هن تحريڪ جو تعلق خاص طرح مسلمانن سان هو، تنهنڪري تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي مولانا صاحب تلاهه شريف کي الوداع چئي هن تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو.

انگريزن هن تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ ڪن لالچي مولوين کان خلافت جي مسئلي خلاف فتوائون وٺي هڪ رسالي جي صورت ۾ شايع ڪرايون. انهيءَ رسالي جي ڇپجڻ سبب سنڌ ۾ تحريڪ کي نقصان پهچڻ جو سخت انديشو هو.

مولانا وفائيءَ اها ڳالهه هڪدم محسوس ڪئي ۽ سکر مان نڪرندڙ اخبار "الحق" جي مالڪ شيخ عبدالعزيز سان گڏجي ان رسالي خلاف ڪم شروع ڪيائين. ساڳئي وقت سنڌ جي مرد مجاهد، مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جي نظرداريءَ هيٺ انهيءَ رسالي جي رد ۾ هڪ رسالو تيار ڪيائين، جيڪو مارچ 1920ع ۾ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي تقسيم ڪيو ويو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام "آزاد"، مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. جلد ئي مولانا وفائيءَ کي جمعيت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو، جنهنڪري پاڻ هميشه لاءِ ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

مارچ 1920ع کان "الوحيد" اخبار جاري ٿي. ان ۾ مولانا، اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ان سان گڏ 1923ع ۾ رسالو

"توحيد" بہ جاري ڪيائين. جنهن ۾ علمي، تاريخي ۽ مذهبي مضمون شايع ٿيڻ لڳا. شروعات ۾ هيءُ رسالو گهٽو وقت هلي ڪين سگهيو.

1930ع ۾ وري "توحيد" رسالو جاري ڪيائين، جو سندس حياتيءَ تائين آب تاب سان هلندو رهيو. سال 1936ع ۾، جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي صوبي جي حيثيت اختيار ڪئي، تڏهن "الوحيد" جي "سنڌ آزاد نمبر" شايع ڪرڻ ۾مولانا صاحب خاص دلچسپي ورتي. سال 1939ع ۾، مولانا عبيدالله سنڌي جلاوطنيءَ کان واپس آيو ۽ سنڌ ۾ شاهہ ولي الله دهلويءَ جي تعليم جا مرڪز کوليائين. مولانا وفائيءَ انهن مرڪزن جي ڪاميابيءَ لاءِ سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو. مولانا وفائي نہ رڳو دين جو عالم هو، پر کيس تاريخ، جاگرافي ۽ لغت تي پڻ دسترس هئي.

"الوحيد" اخبار ۽ ماهوار "توحيد" رسالي جو هر پرچو سندس قومي خدمت ۽ علمي خواهہ ادبي حيثيت جو بهترين مثال آهي. انهيءَ اخبار ۽ رسالي جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني، علمي، سماجي ۽ سياسي، فلاح ۽ بهبود بابت هرهڪ عملي قدم کان سنڌ جي ٻچي ٻچي کي واقف ۽ سجاڳ ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي، انهن کي ڏسي سندس حبِ الوطنيءَ ۽ علمي بزرگيءَ جو ڏاڪو دل تي ڄمي وڃي ٿو. مولانا صاحب ٿيهارو ڪتاب پڻ لکيا، جن کي هڪ خاص درجو حاصل آهي.

اسلام جو هيءُ خادم، عالم، اديب ۽ مجاهد ماهہ

جمادي الآخر 1369هه مطابق اپريل 1950ع ۾ رحلت ڪري وڃي، حقيقي محبوب سان مليو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- مولانا وفائيءَ جي ننڍپڻ بابت اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟
2- مولانا وفائيءَ کي ڪهڙن بزرگن جي ڪچهريءَ مان فيض حاصل ٿيو؟
3- مولانا وفائيءَ جا ڪهڙا علمي يادگار موجود آهن؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اوائلي – ڄمار – ناماچار – مهاياري – اڳري – ڏاڪو

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪمال | | ولادت | |
| انتها | | والد | |
| اعليٰ | | خلاف | |
| گهٽ | | خادم | |